# الوداعي گيت




شيخ اياز

Gul Hayat Institute

# شيخ اياز

# الوداعي گيت

Gul Hayat Institute

# الوداعي گيت

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1998ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ چوونجاهه

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | سهيل پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ | لغاري ايـن لغاري ڪارپوريشن،<br>ڪلهوڙا ڪالوني، حيدرآباد، سنڌ. |
| ٽائيٽل ڪيليگرافي | طارق گل پيو |
| پهريون ايڊيشن | ڊسمبر 1991ع |
| ٻيو ايڊيشن | جون 1998ع |
| | قيمت 60/- رپيا |

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

ALWADAEE GEET (Poetry) Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition December 1991. Second Edition June 1998. Price per Copy Rs. 60/-
Book No. 154

Gul Hayat Institute

# انتساب

## پروفيسر ارجن ’شاد‘

جي سرڳ واسي ماءُ جي نالي

جيڪا مون کي پُٽَ وانگر ڀائيندي هُئي.

-شيخ اياز

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

## الوداعي گيت

منهنجي ڪيسٽ پليئر تي سائين مرنا جو ڪيسٽ هلي رهيو آهي جو مونکي ڪافي عرصو اڳ منهنجي مداح، نوجوان شاعر نصير مرزا ڀري ڏنو هو، جنهن لاءِ مان هُن جو ٿورائتو آهيان. اهو پنهنجيءَ پرسوز ڌُن ۾ ياد ڏياري رهيو آهي ته هتي سڀ ڪجھ ڪُڙ ڀنگر آهي، جو نيٺ هتي ئي ڇڏي وڃڻو آهي. مان جڏهن اُهو اڳي سکر ۾ هلائيندو هوس، تڏهن مونکي بيماريءَ جو دهو پوندو هو ۽ مان ڏينهن رات لکندو رهندو هوس، ايتريءَ حد تائين جو هاءِ ڪورٽ ۾ جيستائين منهنجي ڪنهن ڪيس جو وارو ايندو هو، مان بينچ جي هيٺين حصي تي نوٽ بُڪ لڪائي شعر لکندو رهندو هوس. جڏهن منهنجو وارو ايندو هو ته مان نوٽ بڪ بند ڪري، ڪا ضمانت جي درخواست، ڪا سزا جي خلاف اپيل وغيره اُتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ هلائيندو هوس. ججن کي ڪڏهن به شڪ نه پيو هو ته مون واندي وقت ۾ ڪو شعر تي لکيو. نه وري ڀرسان ويٺل ڪنهن

Gul Hayat Institute

ڪيرو جي ڪناري پهتو هو ۽ مصر مان نڪري نيٺ پئرس ويو هو جتي ١٨٥٧ع جي بلوي تي ڪتاب لکيو هيائين.

منهنجي اهڙي صحت ۴۵ ورهين جي عمر ڪان پوءِ جُهرندي رهي هئي. مونکي ياد آهي تہ ١٩٦٣ع ۾ جڏهن مان هندستان ويو هوس تہ ساري ڏينهن رات ۾ اٽڪل ٻہ ڪلاڪ روز ننڊ ڪندو هوس. سئنيما هال ۾ جڏهن فلم هلندي هئي تہ تڪ سبب مونکي اچانڪ ننڊ اچي ويندي هئي. اها صحت ورزش جاري نہ رکڻ سبب ٽٽي پئي پر جڏهن مان وائيس چانسلر هوس تہ مون نہ رڳو گلن، ٻوٽن، ولين، وڻن ۾ دلچسپي ائين ورتي جيئن شڪارپور جي شاهي باغ ۾ هوندي هئي پر مان پڙهہ جو ۽ شام جو ٽي چار ڪلاڪ بنگلي اندر ئي پنڌ ڪندو هوس جو پنجن ڇهن ايڪڙن جي ايراضيءَ ۾ هو ۽ ڪڏهن ٻاهر نڪري ٻہ گهمندو هوس ۽ واقفڪارن سان ملندو هوس.

١٩٨٠ع ۾ مون نوڪري ڇڏي سکر هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت شروع ڪئي ۽ ١٩٨٨ع تائين وڪالت ۾ بي انتها محنت ڪري ۽ راتين جون راتيون پڙهي لکي، منهنجي صحت چڱي نہ رهي. منهنجا سڀ ٻار سکر کان ٻاهر هيا ۽ سکر ۾ فقط مان ۽ زرينا رهندا هياسين. علاج جي خاص سهوليت نہ هئي، ڊاڪٽر پمفليٽ پڙهي ۽ ايجنٽن جون رٽيل تقريرون ٻڌي، نيون دوائون مريضن تي آزمائيندا ها. منهنجو کاڌو زياده تر پروٽين وارو هو ۽ اُن ۾ ڪاربوهائڊريٽ گهٽ ها، جا ڳالهہ هاڻي ڊاڪٽر چڱيءَ طرح ٿا سمجهن تہ نقصان واري آهي. ١٩٧٥ع تائين تہ اسان

Gul Hayat Institute

خواهش بہ ٿئي ٿي.“

مونکي موت جي خواهش تہ ڪانہ هئي، پر ان وقت مون سوچيو تہ هن پيري موت اٽل آهي ۽ اُنکان فرار جي راهہ نہ آهي. مرڻو اورنگزيب کي بہ هو ۽ سرمد کي بہ. پر سرمد جو موت بدرجها بهتر آهي. فريدرڪ نٽشي چوندو هو تہ ”ماڻهو فخر سان جي نہ سگهي تہ بهتر آهي تہ فخر سان مري،“ ۽ مان اُن وقت فخر سان بہ نہ مري رهيو هوس.

مان هڪ پيري لاڙڪاڻي ڪيس هلائڻ ويو هوس. مون سان گڏ منهنجو دوست ستار مغل بہ هليو هو، جنهنکي پنهنجي باغ لاءِ زيتونن جون چڪيون وٺڻيون هيون. ڪيس هلائي اسان باغ ۾ وياسين، جتي زيتونن جا ڪيئي وڻ هيا ۽ چتون ڇهچائي رهيا هيا.اوچتو هڪ ڏاڍو پڪل زيتون وڻ مان ڇڄي، ازخود اچي ڌرتيءَ تي ڪِريو.مون اهو هٿ ۾ کڻي، اُن کي ڏٺو. نهايت خوبصورت ٿي لڳو. مون اُن کي چاقوءَ سان ڪپي ڏٺو تہ اُن ۾ ڪيڙا بہ ڪونہ ها. ڪهڙو نہ خوشنصيب هو اِهو زيتون جنهن جي درخت تيستائين پرورش ڪئي هئي جيستائين هو رچي راس ٿي پاڻ ڇڄي ڪري پيو هو! موت بہ ائين اچي تہ ان کان وڌيڪ ڪهڙي خوشنصيبي ٿيندي! اُن وقت موت بہ ائين ضروري آهي جيئن هڪ ڏاڍي ٿڪل ماڻهوءَ لاءِ اِهوضروري آهي تہ هو ڪجهہ دير اک لائي وٺي. هاڻي تہ مونکي يقين ٿي چڪو آهي تہ موت هڪ گهيرٽ ۾ اک ٻوٽ کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهي.

پر الاجي ڇو ان وقت مونکي اِها ڳالهہ سوچي ڌيرج نہ

Gul Hayat Institute

پئي آيو تہ مان رڳو پنھنجي ديس ۾ جيئندس ۽ رڳو اُتي جا ماڻھو مونکي وساري نہ سگھندا. يادگيرين ماضيءَ جون ڪيئي قبرون ڪوٺيون پر فقط ھڏا ۽ کوپڙيون نظر آيون جن تي مٽيءَ جا تہ ڄميل ھا. جڏھن نورجھان مرندي ھوندي تڏھن ھُن کي اھي ڪبوتر ياد نہ آيا ھوندا جي شھزادي سليم ھُن جي ھٿ مان وٺي ھوا ۾ اُڏائي ڇڏيا ھا! انارڪلي لاھور ۾ ھڪ پٽ ۾ پوريل آھي، جتي جلال الدين اڪبر ھن کي جيئري پورايو ھو. اِھا پٽ مان تڏھن ڏٺي ھئي جڏھن ڪيئي سال اڳ ميئو ھاسپيٽل لاھور ۾ ماءُ کي ڪئنسر جي علاج لاءِ وٺي ويو ھوس. اُن پٽ جي ويجھو قطب الدين ايبڪ جي مزار ھئي، جنھن جي حڪم تي حسن نظامي نيشاپوريءَ تاج المآثر ڪتاب لکيو ھو، جنھن ۾ ٻارنھن ھزار سٽن مان پنج ھزار نثر ۽ ست ھزار شعر ۾ ھيون. (وري بہ سنڌ کي نثر ۾ تاريخي مواد چڱو آھي). انھن ڏينھن ۾ مون زير زمين نورجھان جي قبر بہ ڏٺي ھئي جنھن تي لکيل ھو:

بر مزارِما غريبان ني چراغي ني گل،
ني پر پروانہ سوزد صدائي بلبلي

اھڙيءَ طرح غالب جا بہ شعر ياد اچي رھيا آھن:

يہ لاش بي ڪفن اسدِ خستہ جان کي ھي،
حق مغفرت ڪري عجب آزاد مرد تھا.

Gul Hayat Institute

(هي بي ڪفن لاش تڪل اسد (غالب جو اصلي نالو اسد هو، جهن کي ڪـڏهن تخلص ڪري ڪم آڻيندو هو) جو آهي. خدا بخشيس، عجب آزاد مڙس هو.)

گليوں مين ميري نعش کو کينچھي پھرو کہ مين
جان دادهٔ هوائي سرِ راهگذار تها.

(گهٽين ۾ منهنجي لاش کي گهليندا هلو ڇو تہ مان رستي جي ڇيڙي تي جا هوا لڳندي آهي ان تي ساهہ ڏيندو هوس.)

فاني بدايونيءَ جو بہ هڪ شعر آهي:

اڪ معمہ هي سمجهني کان نہ سمجهاني کا
زندگي کاهي کو هي، خواب هي ديواني کا.

(هڪ پرولي آهي، سمجهڻ جي نہ سمجهائڻ جي. زندگي ڇا لاءِ آهي، ڪنهن چريءَ جو سپنو ٿي لڳي!)

هونءَ بہ مشرقي شاعريءَ ۾ غم سان محبت تمام گهڻي ۽ ڪک ڪنڊڙ آهي. دراصل زندگي خوشي آهي، ٽهڪ آهي، اونداهيءَ سرنگ مان نڪري روشنيءَ ۾ اچڻ جي اميد آهي. ٻاهر ڏيئا ئي ڏيئا آهن، جن جي جوت ڪڏهن نہ ٿي وسامي.

مون ان وقت بہ سوچيو هو تہ مون کي موت سان آخري دم تائين وڙهڻو آهي. اها تہ پڪ آهي تہ آخرين فتح هُنجي

۽ شڪست مُنهنجي آهي. پر مان اِهو قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوس تہ منهنجي ايلبا (Elba) اچي وئي آهي ۽ جوزي فائن هميشہ لاءِ وڇڙي وئي آهي. (تاريخ ۾ بہ عورتون ٽيون آهن. ڪلوپيٽرا ۽ جوزي فائن، جي هر رات نيوِن هونديون هيون)

مون ۾ اِڇا شڪتي (Will Power) جي ڪمي نہ آهي ۽ انڪري مان چوندو هوس تہ مان مرندس بہ پنهنجي مرضيءَ تي- ريشمي بسترو وڇائي، ساري گهر ۾ شب برات وانگر بتيون ٻاري، رابيل جون ڪنڊيون پائي، پنهنجِي زال کي ڪنوار وانگر سجائي، جڏهن هوءَ اٿين لڳي جڏهن پرڏي رات هئي ۽ پوءِ سيني کي الوداع چوندس ۽ اڪيون پوري اونده جي درياهہ ۾ ٽُبي ڏيندس جيستائين ٻي ڪنڌيءَ تي پهچان.

ٻي جو موت مونکي ڏڪارو ڪندو آهي؛ پنهنجي موت جو سوچي مون کي صرف مرڪ ايندي آهي جا مونا ليزا جي مُرڪ وانگر پراسرار هوندي آهي. شاعريءَ جي امرتا مونکي گهٽو نہ اُتساهيندي آهي. ٺيڪ آ شاهہ لطيف کي بہ سؤ سال ٿيا مگر اڳي ڪان اڳرو آهي پر هن ڪائنات کي اربين سال ٿيا. دنيا ڪنهنکي بہ گهڻو ياد نہ ٿي رکي. بهترين عالم ۽ شاعر کي بہ نيٺ اها ڪڏ ڳڙڪائي وجي ٿي جا ٻين کي ڳڙڪائي وجي ٿي، جن جي اهميت ٻُڙيءَ کان وڌيڪ نہ آهي، جي فقط روايت جا غلام آهن ۽ تقطيع ۽ مروج صنايع ۽ بدايع ۾ اٿين جڪڙيل آهن، جيئن غلام زنجيرن ۾. اننت ۾ شنڪر آچاريہ وارو شؤنيہ آهي جو

Gul Hayat Institute

”هائو ڏيءُ“ مون جواب ڏنو: ”هن پيري تہ آنءُ موت لاءِ پاڻيپٽ جي پهرين لڙائي ثابت ٿيندس.“

انگلنڊ ۾ ڪراموئيل اسپتال ۾ علاج ڪرايم. دل جي ٽپاس تي اجايو خرچ ٿيو. هونءَ تہ هيٿرو ايئرپورٽ تي پليجي جي پوئلڳن جون بہ موٽرون ۽ هڪ موٽر منهنجي دوست مگسيءَ جي پهتي هئي جنهن کي ڪراچيءَ مان مون اڳواٽ فون ڪيو هيو، پر مون مگسيءَ کي گهٽي تڪليف نہ ڏني جيتوڻيڪ هو مون وٽ هڪو بيءَ ايندو هو ۽ بہ پيرا گهر ماني بہ کٽي هيائين. مان انهن موٽرن مان ٻارن ۽ سامان سوڌو اسپتال پهتس پر پوءِ موٽرون ڇڏي مون ٽيوب ذريعي سفر ڪيو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو ڪيئي رستا ڪراس ڪيم، جنهن تي سليم چيو تہ ”بابا جي تو کي دل جي بيماري هجي ها تہ ايتري ڊڪ ڊوڙ ۽ پٽ ڪوهہ نہ ڪري سگهين ها ۽ شايد وري نہ اٿي سگهين ها. تو کي ذل جي بيماري ڪانهي. باقي دماغ جي چڪاس لاءِ مان ڊاڪٽر زلخا وٽ ويس، انهيءَ منهنجي دماغ جي Magnetic Scanning لاءِ ٦٠٠ پائونڊ ورتا. دراصل مون دماغ جي C.T Scanning ڪجهہ سال اڳ ڪرائي هئي ۽ هي Magnetic Scanning نئين ايجاد هئي. C.T Scanning ۽ Magnetic Scanning ۾ ساري ڳچي ڪنهن قبر جهڙي سوراخ ۾ ڪلاڪ ڏيڍ رکن ٿا ۽ پوءِ دماغ جا ڪيئي ايڪسري ڪڍن ٿا ۽ هٿ ۾ گهنٽي ڏئي چون ٿا تہ جي اوهان جو ساهہ منجهي يا ٻي ڪائي تڪليف ٿئي تہ اها هلائجو، ان وقت زنده درگور (جيئري قبر ۾ رهڻ) جي ڪيفيت محسوس

هي ڪتاب مون انگلنڊ وڃڻ کان اڳ لکيو هو. ان جو عنوان ”الوداعي گيت“ مايوسيءَ جي عڪاسي ڪري رهيو آهي، پر مون ان وقت ائين سمجهيو هو ته مان سچ پچ هن رنگا رنگ دنيا کي الوداع ڪري رهيو آهيان جا مون روئيندي نه ڇڏڻ چاهي، ڳائيندي ڇڏڻ چاهي ۽ جيڪي گيت پنهنجي زندگيءَ ۾ ڳائڻ چاهيا ۽ اڃان نه ڳاتا ها سي هيءَ زندگيءَ لاءِ بچائي رکيا ها، پر قدرت کي منهنجي شاعريءَ سان ايترو عشق ٿي ويو هو جو ان مون کي ايتري توانائي ڏني جو نه رڳو مون ”اُپر چنڊ، پس پرين“ ۽ ”هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئين“ لکيو ورتو پر ٽن مهينن ۾ جئين هارٽ اٽيڪ جي وچ ۾ مون ”ڪتين ڪر موڙيا جڏهن“ بستري تي ليٽي لکيو، جنهن ۾ شاعري ٿي رڳو پنج سؤ صفحن کان مٿي آهي.

جڏهن سهڻيءَ جو ”شيخ اياز نمبر جلد پهريون“ اڃان شايع نه ٿيو هو ته مون کان طارق اشرف نئين ڪتاب جي طلب ڪئي هئي. مون وٽ ته رڳو هي ڪتاب ”الوداعي گيت“ هيو، جنهن جو پيش لفظ به مون اڃان نه لکيو . . اهو کيس شايع ڪرڻ لاءِ ڏنو پر اُن جي طباعت ۾ ڪيئي چُڪون رهجي ويون ڇو ته آخرين پروف مون نه ڏٺا هيا. مون هي ڪتاب ٻيهر درست ڪيو آهي ۽ ان کي پڙهندي مون تي مايوسيءَ جي ڪيفيت ڪڏهن به طاري نه ٿي آهي. ان ڪتاب ۾ مسرّت ۽ رجائيت جي ڪيفينت آهي ته مان هيءَ دنيا پنهنجيءَ پورنتا تي رسي ڇڏيان ٿو؛ مان زندگيءَ ۾ ٿوري وقت لاءِ ڏاڍو کيان ٿو ۽ تارن هيٺان

Gul Hayat Institute

تنبو ڪوڙيان ٿو.ائين آهي تہ رات جلدي گذري ويندي ۽ ڪجاوي جي ڪوٺ نيٺ ايندي. جنهن وقت مون هي ڪتاب لکيو هو، تنهن وقت مون سمجهيو هو تہ اها ڪوٺ اڄ وئي آهي ۽ هي گيت الوداعي آهن. ان وقت مون تنبوءَ ۾ بتي وسائي ڇڏي هئي پر باک وري بہ هن ئي زندگيءَ ۾ ڦٽي آهي.

هن ڪتاب کانپوءِ لکيل ٽن ڪتابن ”اُڀر چنڊ، پس پرين“، ”هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن“ ۽ ”ڪتين ڪر موڙيا جڏهن“ ۾ منهنجو شعر ائين آهي، جيئن اڃان ٽاڪ منجهند آهي، پڇاڙي جو پهرون پور نہ آيو آهي ۽ اڃان سانجهي نہ ٿي آهي، في الحال تہ مون الوداع ڪي الوداع ڪئي آهي، پر ڪيئن چئجي! موت چور وانگر پهن تي ايندو آهي!

شيخ اياز
۱ آڪٽوبر ۱۹۹۱ع

Gul Hayat Institute

تو گھنڊ وڄي، اڄ وڇڙو آ،
ڪنهن دور انڌيريءَ دنيا ۾،
ڀرپور سمندر گرجي ٿو،
ڪنهن وِسميءَ جهڙيءَ دنيا ۾. ☐

ڪوئي ٻہ نکيتر ڪون آهيَ،
اونداھ اکُٽ لهرائي ٿي،
ڪا ڪاري ڪويل ڪوڪاري،
چڙ پورب پڇم گهائي ٿي. ☐☐

Gul Hayat Institute

---

☐ وِسميءَ- حيرت.
☐☐ پورب پڇم- اوڀر اولھ.

ڪيڏانهن وڃان ٿو، ڇا ڄاڻان!
ڪنهن جاءِ سفر هي ڪٿڙو آ؟
ها، ڄاڻان ٿو ته اِهي پاڻان،
ڪي پل، پو ناتو ٽٽڙو آ.

ڪنهن سائي پڻ تي، ماڪَ ڦڙا،
ٻيهار ڏسي مان ڳائيندس؟
ڇا آنءُ ڪڏهن موٽي ايندس،
يا اوندهه سان اوندهه ٿيندس؟

Gul Hayat Institute

اڄ مُنهنجي پويان پيڇي ۾،
تقدير شڪاريءَ وانگر آ،
منُ هرڻيءَ وانگر ڊوڙي ٿو،
هي دنيا واريءَ وانگر آ.

Gul Hayat Institute

جنهن وقت ستارا تڙڳن ٿا،
(ڪا نِيلي جهيل هوا ۾ آ) ❑
۽ پنڇي جهوٽا کائن ٿا،
۽ تن جي ننڊ فضا ۾ آ.

مان سوچان ٿو اڳتي ڇاهي،
هي سپنو تو ڪيڏانهن وڃي؟
مان ڇا آهيان؟ مان ڇو آهيان؟
۽ هر ڪو تو ڪيڏانهن وڃي؟

❑ جهيل- ڍنڍ.

Gul Hayat Institute

هر پانڌي 'نانهِ' سمايو آ،
هن پنڌ سوا ٻيو ڪجھ ناهي،
۽ ڪاري ننڊ سدائين آ،
پل تارن تائين ڪو ڪاهي.

هي پنڌ مگر، هي پنڌ مگر،
هي ڇا آهي؟ هي ڇو آهي؟
هي ۽ ڳالھ سجهائي جو مون کي،
ڇا هن نگريءَ ۾ ڪو آهي؟

Gul Hayat Institute

اڄ رات پنائيءَ جئن جاڳي،
مان ٿيڙو اُپ اُپاريان ٿو،
جنهن وقت ڪتيون ڪر موڙن ٿيون،
مان پنهنجو ماضي ساريان ٿو.

مان، ڪجھ ناهيان، 'مان ڪُجھ ناهيان'،
هر وقت پيو آواز اچي،
يا مان ئي سارا سُر آهيان،
تو جن سان پرجي ساز اچي؟

Gul Hayat Institute

جو ساز سدائين پيو وڄندو،
۽ گيت ازل جا ڳائيندو،
جي آئون نہ، اُن کي ٻيو راڳي،
جاڳي اڄ رات وڄائيندو.

Gul Hayat Institute

هن منهنجيِ رت جي ريلي ۾،
□ ڪي ڪول هيا سنٿال هيا،
ڪي آريا ڪي اڻ- آريہ ها،
جن روز پلايا پال هيا.

جن رت مان اُپري سِرجيو هو،
جو سِرجيو آ مون اڄ تائين،
(تون ڪنهن کي ڪنهن کي ڳوليندين
ڇا اِن کي سؤلو ٿو پائين؟)

Gul Hayat Institute

□ ڪول ۽ سنٿال- سنڌ جون قديم دراوڙي قومون

هو ڪير هيا، جن جي مُنهن تي،
تـي لهندي سِجَ گلال هنيو؟
هو ڪير هيا جن سانجهيءَ جو،
تـي سِر تي مينديءَ تال ڪنيو؟

ڪي گيت پـراڻـِي پيڙا جا،
هو مون ۾ اڄ ورجائن ٿا،
تـي جئن جئن جيون سانجهي تـي،
هـو مـون ۾ ور ور ڳائن ٿـا.

Gul Hayat Institute

”ڪو موت سدائين لاءِ نہ آ،
”هام هيءَ حياتي مرڻي آ،
”اِن جيءَ-جياپي جي ليڪن،
اڳتي پي ڪَرڻي پرڻي آ.“

”تا گيت اچانڪ اُپرن پر،
”ايڏو بہ اچانڪ ڪونہ آهن،
”ڪو سرجڻهار نہ آ جن ۾،
”ڪي پُرڪ نہ اُپري پر ساهن. ❑

---

❑ پُرڪ- وڏا

Gul Hayat Institute

”ڪي اونداهيون ڪي سوجهرڙا،
جي هِن جيون ڪان اڳ ۾ ها،
هي گيت انهن مان سَهڙن ٿا،
جڻ اڳ ئي سي رڳ رڳ ۾ ها!

ڪو گيت اچانڪ ڪونہ آهي،
تو ڪيئن جُڙِي، سو ڪئن چئجي!
جا راهہ ابدَ جي آ، هيڏي،
تي ڪيئن مڙي، سو ڪئن چئجي!

Gul Hayat Institute

مان تو کي سمجهڻ چاهيان ٿو،
تون ڇا آهين؟ تون ڇو آهين؟
ڇا مان تنهنجو پاڇو آهيان،
يا تون مُنهنجو پاڇو آهين؟

تون اڳني ٿي، تون اِندر ٿي،
تون اوشا بڻجي آيو آن،
تون راتڙيون ٿي جاڳيو آن،
تون ڇا ڇا بڻجي آيو آن!

Gul Hayat Institute

مان تو کي ڇڙخو ڇوريندي،
ڇُپ چاپ پئي ورجايو آ،
تون نامر هئين بي نامر هئين،
پر مون تو کي ئي ڳايو آ.

تون سڀ ڪجهه آن، مان ڪئن ڄاڻان!
يا ڪجهه آهين، مان ڪيئن چوان!
مون روز تڪيا تنهنجا پاڻان،
تون ڪجهه ناهين، مان ڪيئن چوان!

Gul Hayat Institute

تون هَرَ هرَ مُنهنجيِ نَهڪر ۾،
چڻ ڪائي هائوڪار هئين!
تون ڪيڏي سُجَ وَسائي آ،
تون ڪاله وَسڻ وڏڪار هُئين!

جئن لهندو سورج پاڻيءَ تي،
تئن مون ۾ تنهنجو سايو آ،
سو گيت انوکو آهين تون،
جو چوليءَ چوليءَ ڳايو آ.

Gul Hayat Institute

چو مُنهنجا ٻول لکين پيو تون
تون جو ٻوليءَ کان ڏور آهين؟
چو اپرين تو آواز جيان،
۽ مون ۾ گيتَ پيو ناهين؟

مون کوئي وَس کيو ناهي،
تا پاڻ اچن سڀ گيت اِهي،
جي تُنهنجي جيت جتائن تا،
جَڳ ليکي منهنجي جيت اِهي.

Gul Hayat Institute

هي مون ۾ کھڙي جوتي آ،
تـو جڳ پاسي انڌڪار رکو؟
جي ان ۾ گيت نہ تا گونجن،
ڪجھ ناهي هي سنسار رکو.

جنهن وقت اُڀريون آڱر تي،
تيون ڪانگڙيون پر ڦڙڪائن،
من منهنجو ڪينجهر ڪنڌيءَ تي،
ٻـي پار وجي تيون پهچائن.

Gul Hayat Institute

مان ماضيءَ ۾ ٿي جيئان ٿو،
ماضي جو مستقبل آهي،
سڙهه روز هوائون ڦوڪن ٿيون،
پر ڏارا ڪجهه به نه ٿي چاهي.

مان بيٺو روز بتيلي تي،
اوڙاهه- افق ۾ گهوريان ٿو،
آ رات لٿي ٿي ننڊ اچي،
مان پنهنجيون اکڙيون پوريان ٿو.

Gul Hayat Institute

تـو آذيءَ رات ڪُـبيـر اچي،
۽ مون سان گڏجي ڳائي ٿو،
پو پـنهنجا پنـٽـي ڳـولي ٿـو،
۽ مون کي ڀاڪـر پائي ٿو.

مان هن جو هـڪڙو سـاٿـي هان،
جو اڄ تائـين نہ ٿـڪـو آهيان،
ڇـا مـان ڄاڻان ٿـو هن وانگر،
مان ڇا آهيان، مـان ڇو آهيان؟

Gul Hayat Institute

مـن روز پـرنـدن سـان اُڏرِي،
تـو اُڏرڻ دور سـتـارن ڏي،
جنهن وقت وڃي تو ڏينهن لهي،
تـو پـار وڃـي تـن پـيـارن ڏي.

جن آگ متان هِت سيکيا هام
۽ گڏجي پـوهـ گـذاريـا هام
تـا پـل پـل تـن ۾ يـاد پـون،
هو وِڇڙي پو بہ نہ ڏاريا ها.

Gul Hayat Institute

چا هيءُ وڇوڙو ابدي آ،
چا اِن جو انت نہ ٿيڻو آ؟
چا ڪيتو ناهہ ڏنو ڪافي؟
ٻيو ڪجھ بہ ڪَئي جو ڏيڻو آ؟

مان پنهنجا پيرِ ڪهاڙن سان،
جنهن وقتِ ڪپي پڇتايان ٿو،
ءَ ڏور ڏسان ٿو بيوس ٿي،
تن لاءِ وري واجهايان ٿو.

Gul Hayat Institute

جي ڀيهر مور نہ ملندام يا
هو ملڻا آهن راهَن ۾؟
في الحال رڳو افسوس سوام
ڇا آهي منهنجي آهن ۾؟

Gul Hayat Institute

جو لکڻو آهه لکي وٽ اڄ،
ڪنهن ڄاتو آهه سياڻي ڪي؟
جو پل پل آهه مهانگو آ،
تون سنستو سمجهه نه هاڻي ڪي.

جي ڪو به صدين سان سودو آ،
هن وقت تہ ڪرڻو آ تو ڪي،
ٻيو ڏينهن تہ ناهي ڪنهن به ڏٺو،
ٻي ڏينهن تہ مرڻو آ تو ڪي.

Gul Hayat Institute

جا آگ ازل جي آ تو ۾،
سا ڪله جئن ٻارِ ته جڳ جرڪي،
اونده ۾ ناهي پارُ پتو،
تون جوتِ جيارِ ته جڳ جرڪي.

تون راڳي آهين راڳ ڇڏي،
ڪو چئن ڪڏهن به نه پائيندين،
تون ڪَڙُ ته ڪلهي تي کينر کي،
تون دنيا کي دڳ لائيندين.

Gul Hayat Institute

هي راڳ ٻہ ڪوئي رَستو آ،
جو ڏور ڪٿي تہ ماڳَ مٿان،
هي ساز امرتا پائيندا،
جي سِر ڏيندين تون راڳَ مٿان.

---

Gul Hayat Institute

هام سَنجها گهاٽن جهنگن ۾،
ڏکي روشنيون ڦهلائي ٿي،
۽ هر ڪو مارڳ ڳولي ٿو،
۽ اڳ جئن ڌرتي ڳائي ٿي.

پر هيءُ بہ مَچ، ٿي رات ڪٿي،
۽ باک ڦٽيءَ جو تارين ڪي،
□ ٿا تيز ڪهاڙا جيئن مُچين،
۽ وارَ ڪرين ويچارين ٿي.

Gul Hayat Institute

---

□ مُچين- ڪپين.

ٿو ڦوٽهڙو هيڪار ڏئي،
وڻ ويڙس بسنتي پائن ٿا،
۽ ماڻهو ايندڙ ڦولن لِءِ،
چڻ وِڪ تي واجهائِن ٿا.

Gul Hayat Institute

تو چاهيان خوشبوءِ سنگ وڃان،
پر ڪيسين سو تہ نہ چاٽان ٿو،
تو آئون گلن جا رنگ ڏسان،
چا تن جو پنڌ سچاٽان ٿو؟

آڪاش متان جا آگ آهي،
تا تنهن جا شعلا دور وڃن،
چا خوشبو تنهن کي پهچي ٿي؟
چا ان تائين تا رنگ پڄن؟

Gul Hayat Institute

چا مُنهنجو لنگھ اتان ٿيندو؟
چا ڪوئي شعلو ٿي ويندس؟
تو لاءِ شفق جي رنگ جيان
يا ڪوئي پاڇو ٿي ويندس؟

يا تو ليءِ ڪوئي خوشبوءَ جو،
مان رمتو جھونڪو ٿي ويندس؟
يا اُڏري لال لياڙ مٿان،
ڪو سبز پرندو ٿي ويندس؟

Gul Hayat Institute

مون گيت گهٽيئي ڌرتيءَ جام،
ڳاتا پر اڄ مان وچٽو هان،
ڪيڏانهن؟ اهو تہ نہ ڄاڻان ٿو،
هي ڄاڻان ٿو ڪان وڇٽو هان.

تو پيار ڏئي، اقرار گهريو،
'تون مونکي ڪونہ ڇڏي ويندين،
'هيءَ ڌرتي ڪيڏي پياري آ،
'تون ڪهڙي لوءِ لڏي ويندين!؟

Gul Hayat Institute

هر روز گلن تي شبنم جام
ٿـي موتـي ميڙي بـاک اچي،
ڏس جهڙ ڦڙ جهڙ ڦڙ لاتي آ،
تو لاءِ وري ويساک اچي.

مان تو کي کهڙي ورندي ڏيان،
چُپ چاپ پريان تـو سـاهُ ٽـڏو،
مون جيون پرم کونـ ڏنـو،
آ اڄ وانـگـر ويـسـاهـ ٽـڏو.

Gul Hayat Institute

مان ور ور تو ڏي گھوريان ٿو،
۽ سوچيان ٿو ڪنھن وقت مِلون،
يا ڪونہ مِلون مان ڇا ڄاڻان!
جي نيري نَپ ۾ دور ٽلون.

دڳ ويندي ڪيڪر ٿيندي، يا
هڪ ٻئي لِيءِ ڏاريا هونداسين؟
يا ڪائي جوت نہ رهندي آ،
ٻئي اونده واريا هونداسين؟

Gul Hayat Institute

هي چپ- اگر لهسائن ٿا،
جنهن وقت ڇُميٰ تو کي سرتيءَ!
مان سوچان ٿو ڪنهن وقت اِهي،
رَڪَ هوندا، تـي وِبندا ڌرتيءَ.

جئن جهونجهڪڙي جو جاڳي تون،
مون ڏانهن ڏسي شرمائين ٿي،
۽ پنهنجون ٻانهون کولين ٿي،
۽ مون کي ڀاڪر پائين ٿي.

Gul Hayat Institute

تو آئون ڏسان تئن تارن ڏي،
جي آهن دور ڦڪيرا ڪُجھ،
۽ اُپ جي نيري ساگر ۾،
جي ترندا باقي ويرا ڪُجھ.

ڇا تون مان ان جوت نگر ۾،
ڏاڍو ڏور ستارن وانگر،
چمڪي غائب ٿي ويندا سين،
ٽر بر ٽي وسڪارن وانگر؟

Gul Hayat Institute

طوفان وسائِي شمع جڏهن،
چوڌاري اونده ٿي ويندي؟
يا هن جيون جي وٽ ڪامي،
ٻي ڪائي جوت جلائيندي؟

هام ڄاڻَ نہ آهي مون کي ڪام،
پر آئون رڳو هي ڄاڻان ٿو،
ٿو رستو ڏاڍو ڏور وڃي،
ڪو سُونهون ڪونہ سڃاڻان ٿو

Gul Hayat Institute

هام ڪنهن کي ڪجھ معلوم نہ آ،
ڪي ڪيئن چون، ڪي ڪيئن چون،
ٿا گيان ڏين ڪيڏا نہ گُٽي! ☐
پر پو بہ پلئہ ڪي ڪين پون.

ڌرتيءَ کان دور ستارن ۾،
جھن وقت اڪيلا کھنداسين،
چا تون مان ايڏيءَ اونده ۾،
هڪ ٻئي کي ڳولي لھنداسين؟

Gul Hayat Institute

☐ گُٽي- گٽڻ وارا.

دل تيز پرنديءَ وانگر آ،
هڪ ٽاريءَ کان ٻي ٽاريءَ تي،
پو ڏور ستارن تي پهچي،
تي اُڏري دنيا ساريءَ تي.

دل تيز پرندي وانگر آ،
تون اُن جا پر ڪوهي سگهندين؟
ڪنهن پڃري ۾ ان کي پالي،
ڪنهن چوڳي تي موهي سگهندين؟

Gul Hayat Institute

دل تيز پرندي وانگر آ،
تي اڏري دور زمانن ڏي،
۽ ڪوٺي ورائي هيٺ ڏسي،
ڇا شهرن ڇا ويرانن ڏي!

دل تيز پرندي وانگر آ،
تا پنکَ گهٽائن ۾ گونجن،
پروازُ نظر ۾ ناھ اُن جو،
تا گيت فضائن ۾ گونجن.

Gul Hayat Institute

دل روز اُهي وِرجائي ٿي،
جي گيت امرتا پائن ٿا،
جِي ورڪا ڪن ٿا واريءَ تي،
وَڻِ سانوڻَ ۾ جهولائن ٿا.

Gul Hayat Institute

تو ڪَڙڪي سِر تيِ موت جڏهن،
جڻ هر ڪوئي دل هاري تو،
ڪو چُپ چپ ڳوڙها تو ڳاڙي،
ڪو مَنتر چاري اُچاري تو:

ڪو واجهَ وِجهي تو ماضيءَ ۾،
ڪو مستقبل کي تاڙي تو،
جو مستقبل هن جو ناهي،
هُو ڇاليءَ ڳوڙها ڳاڙي تو؟

Gul Hayat Institute

هو پٺتيون ڏئي ديوارن ڏکي ۾
ته پوءِ ڇيلهه ٽاڪارن ڇا نه ڪري؟
(پياٺهو ته امتي ۾ جي پنهنجي منهن ۾
جا ڌڏهندي اوپرا ڪانه ڪري)

هاڻ تارن ۾ وڃي رهندو هُن جو ۾
پر ڪا ٿي ڳهن جو تان ۾ نه ڏٺا
ڳڻنان ۾ بيه هن ڪنهن ماٺهو ۾ جو ۾
ڪنهن ڳهاڻي مٺ جو تان ۾ نه آ

Gul Hayat Institute

ڪنهن اڪيلي تاري جيان لوڙي،
توکا مواق ڪي گيت ٻڌائين ٿو،
تون ڪيڏي اڻ تڻ اهڙي جي،
ايئن لفظن منجهه لڪائين ٿو!

ڇا تون ڀي ڄاڻڻ چاهين ٿو،
توکا ڇا آهين، توان ڇو آهين؟
آڪاس ۾ توکا منهنجا آهي ڇا؟
توڙي تون ڌرتي ۾ جو آهين؟

تو کي تہ پکيئڙن وانگر پَرَ،
ڪونہ آهن پَر پرواز آهي،
جڻ چنڊ بہ تو کان دور نہ آ،
ان تي تہ چيو آ ڪنهن ڏاهي.

”تون گرچہ الڳ آهين پو بہ،
”تو ۾ سارو سنسار آهي،
”ڏس چنڊ لُڏي ٿو لهرن ۾،
”پر هو دريا کان ڌار آهي.“

Gul Hayat Institute

کنهن رنگبرنگي ڪانچ منجهان،
جڻ مون ڪا سيڙهي جوڙي آ،
۽ تارن تائين پهتو هان،
۽ وِڪ ڪتين تي ڪوڙي آ.

اڄ دور وڃي هن ڌرتيءَ کان،
مان اُن کي ڪيڏو ساريان ٿو!
ٿي ڪيڏي سار- سڳند اچي،
سرهاڻ- سِمرتيون پاريان ٿو! ❑

Gul Hayat Institute

---

❑ سمرتيون- يادگيريون

□ هي مندر ڪيڏو سُونو آ؟
هو ديو داسيون هن ڌرتيءَ جون،
تو اڄ ٻه تن جا ناچ ڏسيان،
پانهون مان هر سرتيءَ جون.

جن نرت - ڪلا سان پايو هي،
ڪُله منهنجو من گرمايو هو،
۽ سرسوتيءَ جي سنگ رهي
ڪُله جن وينا تي ڳايو هو!



Gul Hayat Institute

هيءَ سَمَندر اڪيلو سُنسان آ؟
ڪيڏانهن روئي ها ديوا داسي؟
هِن روشنين جي مجهه لفظ هي،
جنهن ڪوني ڏسان تون ڪلو ساپي!

يا اڳتي بِي سُندرتا آ،
تا جنهن ۾ سهسين ناچ تين،
(هت ڪي بہ تہ موتِي ڪونہ آيا،
جي ڏورانهين جو ڏسُ ڏين!)

Gul Hayat Institute

هِي نِرت- ڪَلا جا موهي ٿي،
مَن چاهي ٿو اڳتي بہ هجي،
ڪو ناچ هوا ۾ تارن جو،
ٻي دنيا جي ڏگ تي بہ هجي.

Gul Hayat Institute

تي شمعدان ۾ شمع ٻري،
۽ عڪس پوي آئيني ۾،
ڇا سمجهه سوچ ڪان آهه پري،
سا ڳالهه اچي ٿي سيني ۾

ڇا مان به ائين ئي عڪس آهيان،
۽ عڪس اُڏامي ويندو آ؟
۽ رات وهامي ويندي آ؟
۽ سڀ ڪجهه ڪامي ويندو آ؟

Gul Hayat Institute

ڇا محفل، نگر ها گرم ڪري،
ڪنهن وقت اچانڪ شمع جلي،
سڀ روشنيون پنهنجون ريٽلي،
اڪ ڀُونت ڪيئي روبندي ماڳ هلي؟

ڪياهه اوندهه آهي ناتا ڪال پلي
آ جنهن ۾ پڌڙي هي محفل؟
يا ٻيي شمع لپٽي پرتندي؟
هڪ محفل رچي ڪر ٻي محفل!

هي ٻه ڪيتري هڪ آڏاٽو آهه
توهان اُن تلي ڪجهه تر اُٽين ڏٺو؟
توتي رچي ٻڌ اٿوا ڪي داڻي سان؟ ا
ڪيو مسلئون ڳاهه لُٽيون ٻيو ٻنيو لاءِ

تون ئي رواڙي نئون ڦهڪي ٻيگيت رچي،
آلس جي سلوتي ڇيراڻ ڪائي،
هن لاءِ آس ولندي ٿي ڏيس ٻنڌني؟
آيان جي ما الڪائي ٻاڪ ننئي.

Gul Hayat Institute

سا باک ڦٽي آهي تہ سَهين،
تي جَگ تان ڪارِي رات وڃي،
اڄ هَٿَ دُعا لئِہ اُپرن ٿا،
شل هيڏي ساري رات وڃي!

جنهن سڀ کي گهرا گهاوَ ڏنا،
جنهن راڳا ڪيئي سالَ ڪَيا،
۽ پنهنجن جُڙتو ناتن سان،
جنهن پيدا سوَ جنجالَ ڪيا.

Gul Hayat Institute

سا ڪاري رات وچي پيئي،
ڪُجھ اُن ۾ ريکُون آھن جِن،
ھي ڪينر ھڪ آڏاٽو آ،
۽ نڪتيون تارون آھن جِن!

Gul Hayat Institute

ڪو ڪيئن وڃي ٿو ڪو ڪيئن وڃي،
پر انت ته آهي سڀ جو ساڳو آهي
ڇو سارا لوڪ راتيون جاڳين ٿا؟
ڇو تو آکني لهتي اوجاڳو آ؟

هي جيوَن پَن تي ماڪ جيان،
جڻ جهونجهڪڙي ۾ جهلڪي ٿو،
جي سچ اُيري ته اُڌمي ٿو،
۽ واءُ لڳي جي، ڇلڪي ٿو.

Gul Hayat Institute

تون اِن جي لاءِ اُداس آهين،
ڪجھ وقت حياتي آھ رهي،
جئن اُس ۾ اُڏري ماڪ ڦڙو،
تئن ويندين تون ڪيڏانهن ڪهي؟

جو دم آهين ڪجھ ڪوملتا،
تون ڦهلائي اوسي پاسي،
جي راهه رمين تہ برو ناهي،
چؤطرف هزارين گُل واسي.

Gul Hayat Institute

هِن دنيا ۾ سڀ ڪجهه پيارا،
بس، چئن گهڙين جو واسُ آهي،
ڪئن چئجي اڳتي آهي ڇا؟
ڪئن چئجي ڪجهه بہ اناسِ آهي!

Gul Hayat Institute

چڻ تہ پيري ۽ جواني ٿي فقط،
زندگيءَ جو آخرين آهن تضاد!
وارَ منهنجا تـا اڇا ٿيندا وڃن،
عمر تي ڪوئي نہ آهي اعتماد.

ڪيترا اُن ۾ اچا، ڳاڙها گُلاب،
ڏينهن جو تقدير جئن آيا ويا،
زندگيءَ جي شام ۾ پيلا گُلاب،
سي بہ ڪنهن تصوير جئن آيا ويا.

Gul Hayat Institute

مان پڇان ٿو ھي مصور ڪير آ،
نقش جو ڍاھي، ڦاڙي ٿو ھٽي؟
ڇا اھي پُرزا اُڏامي ٿا وڃن؟
يا اھي ٿو ڏيان سان ٻيھر ڪٽي؟

ڇا وري تصوير تي ڪائي ٿئي؟
۽ اڇن، ڳاڙھن گُلابن ڪي ڪڍي؟
ڏينھن ٻيھر شام بڻجي ٿو لھي،
۽ وري پيلن گلابن ڪي ڪڍي؟

Gul Hayat Institute

آھ ھر ڪوئي فنا جي ڏاتَ ۾،
ڪنھن بہ پاتو موت کان ناھي فرار،
ھا، مگر ھن زندگيءَ جي انت ۾،
آھ ڇو ٻي زندگيءَ جو انتظار؟

Gul Hayat Institute

گيت پنهنجا ٿا ستارن سان مِلن،
ڪيئن چئجي!
ڪيئن چئجي!
منزلون ٿيون انتظارن سان ملن
ڪيئن چئجي!
ڪيئن چئجي!
ٿا اچن هن زندگيءَ ۾ سو بهار،
نيٺ گڏري ٿا سِيارن سان مِلن،
سچ آهي،
سچ آهي،

Gul Hayat Institute

قافلا ڏڪجي وڃن ٿا گرد ۾،
ڪا گهڙي گهوڙي سوار سان ملن،
سِچُ آهي،
سِچُ آهي،

ڇا ملاقاتون وري ٿينديون ڪڏهن؟
ڪير ڄاڻي؟
ڪير ڄاڻي؟
چانڊني راتيون وري اينديون ڪڏهن؟
ڪير ڄاڻي؟
ڪير ڄاڻي؟

Gul Hayat Institute

جيستائين دم هلي ٿو، آهيان،
پو نہ ڇاڏان،
پو نہ ڇاڏان،
ڪيستائين هان هتي، مان ڇاهيان،
سو نہ ڇاڏان!
سو نہ ڇاڏان!
بيڪران جو بحر آهي ڪائنات،
ڪنهن نہ ڇاتو!
ڪنهن نہ ڇاتو!
بحر ۾ جوبُدبدو آهي حيات،
ڪنهن نہ ڇاتو!
ڪنهن نہ ڇاتو!

Gul Hayat Institute

عمر گذري سوچ ۾ ۽ لوچ ۾،
ڪئن بہ گذري، نيٺ گذري ئي وئي،
آسمان جي رهگذر تي پنڌ ۾،
يا زمين تي هيٺ، گذري ئي وئي.

خواب وانگر تي لڳي جڻ هر گهڙي،
جي حقيقت آهہ ڪا، هي خواب آ،
جي ڏسين آهي، اگر سوچين نہ آ،
جڻ نديءَ جي سير ۾ مهتاب آ.

Gul Hayat Institute

ياد پڻ تُنهنجي سهارو ڪون آ!
ياد ڪائي آ تہ آهي چار ڏينهن،
زندگيءَ جو ڏُک آ يا سُک آ،
زندگيءَ سان تہ نباهي چار ڏينهن.

آهہ وڃڻو دور، ڄڻ ڪوئي سفر،
پنڌ منهنجي جو ڪري تو انتظارُ،
۽ ازل ڪوريئڙي وانگر اُڻي،
دور ڦهلائي ڇڏيو ڪو آهہ جارُ!

Gul Hayat Institute

يا هتي ئي مونٽو آهي ڪٿي؟
سڀ وساري زندگيءَ جون ڳالهڙيون؟
راهه ويندي اوچتو تو کي ڏسي،
چا چئي سگهندس تہ آهين ڪير تون؟

Gul Hayat Institute

□ ڳؤڏول، ڳايون ٿيون اچن،
ڪيئي ڳوالا ساٿ ۾،
جي ڏينهن جو ڳوپيون نچيون،
تن جا حوالا ساٿ ۾.

هو راتڙي تارن ڀري،
ٿمڻار پيالي جيئن آ،
اونده وچي ٿي دور جا،
تنهنجي ازالي جيئن آ.

□ ڳؤڏول- ڏوڙ جا ڳايون ويندي اُڏائينديون آهن.
(سانجهيءَ ٽاڻو.)

Gul Hayat Institute

ماڻ وارداتون ڏينهن جون،
واريان بہ چام ساريان بہ چا؟
خالي لڳي ٿو جام هي،
پيئان بہ چام هاريان بہ چا؟

سوچان پيو هي سڀ عبث،
مون کي لڳي ٿو داستان!
آ سر انهيءَ سوداءَ ۾،
آهي ڪٿي سو آستان.

Gul Hayat Institute

جنهن لاءِ مان اوچو رهي،
ايـڏي نمرتا آهيـان،
هاڻ اڄ بہ مون چاتو نہ آءِ
ڇـو آهيـان، ڇـا آهيـان!

Gul Hayat Institute

هي شبنمي راتيون ورَي،
ايندیون ڪڏهن؟
ايندیون ڪڏهن؟
هي ڪويلين لاتيون ورِي،
ايندیون ڪڏهن؟
ايندیون ڪڏهن؟
جوين گهٽائون تي ويو،
چڻ ڪجھ نہ هو!
چڻ ڪجھ نہ هو!

Gul Hayat Institute

سپ خواب جئن گذري ويو،
چڻ ڪجھ نہ ھو!
چڻ ڪجھ نہ ھو!
مان ڇا ڪوِيتا ٿو لکان؛
مان ڪير ھان؟
مان ڪير ھان؟
ڄاتو نہ مان آھي اجان،
مان ڪير ھان؟
مان ڪير ھان؟

Gul Hayat Institute

تا اُپَّ جا تارا پُڇن،
ڇا تو لکي؟
ڇا تو لکي؟
تا چنڊ جا چارا پُڇن،
ڇا تو لکي؟
ڇا تو لکي؟
مان مان نہ هان تن کان سوا،
مان گيت هان،
مان گيت هان،
چڻ چُپ منهنجو موت آ،
مان گيت هان،
مان گيت هان،

Gul Hayat Institute

جيڏانهن منهنجو پنڌ، ڪو
واپس اُتان آيو نہ آ،
هُن پارَ جو هِن پارِ ڪنهن،
پيغام پهچايو نہ آ.

ظاهر تہ اونده تي لڳي،
ڪا روشني اڀري نہ آ،
جڻ موت آهي خاتمو،
ڪا زندگي اڀري نہ آ.

Gul Hayat Institute

اِن ڳالھ هوندي پو بہ دل،
ڪنهن جوتِ ڪي ڳولي پئي،
اڳتيءَ ضروري آھ ڪجھ،
دل ان طرح ٻولي پئي.

دم دم دمامو موت جو،
تو چؤطرف توڙي وڄي،
رابيل ٽڙندا تا رهن،
تي دل نہ دنيا تان کڄي.

Gul Hayat Institute

ٿي عُمر مون کي آڇيا،
پل پل گُلن جا ٽوڪرا،
هي الوداعي گيت تون،
سمجهي نہ سگهندين ڇوڪرا!

مون ديس واسين کي چيو،
هن دِيس کي ڦيرائجي،
هر حَقّ، هر انصاف لِيءِ،
جهوڪا ڪٽي پيي ڳائجي.

Gul Hayat Institute

۽ پنڌ ۾ جيڪي پھڻ،
حايل ٿين سي پورجن،
زنجير جي جھنڪار تي،
ڪي چنگ اھڙا چورجن.

قيدي اُٿِي يلغار ڪن،
چؤطرف ديوارون ڊڏن،
۽ ڪُنگرا ھن ڪوٽ جا،
ڪنھن زلزلي وانگر لُڏن.

Gul Hayat Institute

هن وقت پر مون کي اچي،
آ فڪر گهيري ۾ وتو،
’اڳتي تہ مان آزاد هان،
پر انت جو ناهي پتو.‘

’ڪيڏانهن؟‘ جي آواز جا،
هر جاءِ تي سر ٿا وڃن،
هن زندگيءَ جي قيد مان،
ڪيڏانهن سيئي ٿا پڄن؟

Gul Hayat Institute

ڪڙ امن ڪائي آشتي،
جنگ و جدل ڪان پوبہ آ؟
ڪو ديس ماڻهو ليءِ نئون،
چولي بدلِ ڪان پوءِ نہ آ؟

—

Gul Hayat Institute

زندگيءَ تي اعتبار
ڪونہ آهي،
ڪونہ آهي،
موت سان ڪوئي بہ پيار
ڪونہ آهي،
ڪونہ آهي،
ننڊ ايندي يا نہ ايندي، ڪئن چوان؟
چنڊ جهڙو ڪو بہ يار
ڪونہ آهي،
ڪونہ آهي،

Gul Hayat Institute

گُلَ ٽڙي پوندا وَري پر سال جئن،
ها، مگر مون لئي بهار،
ڪونہ آهي،
ڪونہ آهي،
تون بہ آهين ڪيترو مون کان پري!
پو بہ من چڙهي بيقرار،
ڪونہ آهي،
ڪونہ آهي،

Gul Hayat Institute

تـــي نـدي وهـنـدي رهـي،
مـان ڪـويـتـا ٿـو لـڪـان!
سـمـنـبَ ڏي ڪَـهـنـدي رَهـي،
مـان ڪـويـتـا ٿـو لـڪـان!
آ گهٽيءَ ۾ چنڊ، پوپون پهر آ،
ننڊ ۾ خاموش سارو شهر آ،
مـان ڪـويـتـا ٿـو لـڪـان!
ڪارِ ڪائي ٿيِ وڃي رستي مٿان،
دور تائين سا دريءَ مان ٿو ڏسان،
مـان ڪـويـتـا ٿـو لـڪـان!

Gul Hayat Institute

ڏينهن جا ڏک سُک پُلائي رات جو،
کيئن چئجي چو الائي رات جو،
مان ڪويتا ٿو لکان!
تي پره لهندي رهي،
مان ڪويتا ٿو لکان!
تي ندي وهندي رهي،
مان ڪويتا ٿو لکان!

Gul Hayat Institute

شام جو ٽا ٻوڻجن سورج مُکي،
ڏينهن گُذري ٿو وڃي.
رات چانئي ٿِي، سُکي توڙي دُکي،
ڏينهن گُذري ٿو وڃي.
وقت گذري ٿو وڃي، ساري ڄمار،
تيز گُذري ٿي وڃي،
ڪنهن پرندي جئن اُنهيءَ جي آ اُڏار،
تيز گُذري ٿي وڃي،
ڪي سفر ڪي طئي ڪري ويا تير جان،
ڇو؟ نه ڄاڻان ٿو اڃان؟

Gul Hayat Institute

هوريان پڙ ڪي وڃن ٿا پوڻ ٽانَ،
ڇو؟ نہ ڄاڻان ٿو اڃان؟
ڇا اڳي ڪا رِتَّ آهي ڪٿن ڇوان!
ڪٿن ڇوان او ڪٿن ڇوان!
ڇا پيو ڪو ناهہ ٿاهي؟ ڪٿن ڇوان!
ڪٿن ڇوان او ڪٿن ڇوان!
يا رڳو، سڀ اتفاقيِ آ هِتي؟
ڪجھ تہ چؤ، تون ڪجھ تہ چؤ!
سڀ فنا آ، ڪجھ نہ باقيِ آ، هتي،
ڪجھ تہ چؤ، تون ڪجھ تہ چؤ!

Gul Hayat Institute

تني اچي ڪنائي صدا،
موت چاهي؟
موت چاهي؟
ڇڻ پڇي پيئي هوا
موت چاهي؟
موت چاهي؟
آدمي ڪيڏا مخل ويٺو اڏي،
هڪ گهڙي اهڙي اچي ٿي، ٿو لڏي،
موت چاهي؟
واهه ۾ لنگهي ويو هر ڪاروان،
ڪو نه پاتو ڪنهن بہ منزل جو نشان،
موت چاهي؟

Gul Hayat Institute

ڇانوَ جنهنجيءَ هيٺ دلِ بهلائجي،
ٻجِ ڏئي تو وڻ ڪڏهن مُرجهائجي،
موت ڇاهي؟
انت ڇاهي؟ انت ڇاهي؟ ڪو چوي!
نيٺ هت ڇا تو نباهي؟ ڪو چوي!
موت ڇاهي؟
فڪر ۾ ساري فضا آ موت ڇاهي؟
گونج ۾ ارض ۽ سَما آ، موت ڇا هي؟
موت ڇاهي؟
موت ڇاهي؟
موت ڇاهي؟

Gul Hayat Institute

چـا سـتـارن جـا چـپـر،
بـنـد تـي ويـنـدا ڪـڏهـن،
خـتـم تـي شـام و سـحـر،
ڪنهن گهڙي ويندا ڪڏهن؟
ڪـيـر هـونـدو جـو تـڏهـن،
بـيـوقـوفـن ڪـي چـوي،
زنـدگـيءَ جـو شـيـشـو گـهـر،
هـيـئـن ٽـڙڪـي ٿـو پـوي.

Gul Hayat Institute

”انڌ جي گھوڙي مٿان،
سڀ ٿيا آهيو سوار،
تو ڪري ڪنهن ڪَڏ ۾،
موت سڀ جو انتظار،
”سمجھ جي ڪائي اٿو؟
موت ڪان پاسي رهو،
”جي جيا پو ڇاهيو،
جيو! هڪ ٻئي کي سَهو“

Gul Hayat Institute

تو ٻُڌي ڪوئي جهاز،
جنءَ سمندر ۾ جڏهن.
تيون ڪناري تي وڃن،
روئنديون ڇوليون تڏهن،
پارڙا جنهن جاءِ تي،
تا رچائن رانديون،
تي وڃن ٿيون ٿهڪڙا،
نينگريون جي وانديون.
تو جهان اڳ جئن هلي،
۽ نه پاڪاري ٻُڌو،

Gul Hayat Institute

جو ترَبي ۾ سمنڊ جي،
هينئڙو هاري پڏو.
موت توڙي زندگي،
هڪ حقيقت آ اٽل،
تون هلي جيسين سگهين
زندگيءَ جي ساٿ هَلُ!

Gul Hayat Institute

شعلا ٿيـڻ ٿـيـون آگ جـا
منهنجيون جڏهن پاسِريون،
هڪ گيت مُنهنجي هانوَ کي
ٻاهر اچي ٿـو چيريـون.
آهـي ازل جـي آگ ڪـا
هي گيتُ جنهنجي آ جڀي،
ايـنـدو نہ تنهنجي سمجهہ ۾
ڪـئـن زندگي اُن سان نڀي.
□گاٿـا ڪـڏهن هـو پـارسيِ،
جـئـن آگ جـا چـونـدا هـُئـا

Gul Hayat Institute

□ گاٿا- پارسي جي مذهبي گيت ڳائـيندا هيا، تن کي گاٿا چيو ويندو هو.

تئن گيت مون ڏي ٿا اچن
تي روز لُنءُ لُنءُ ۾ لُٽا.
هي آگ مون ٻاري رکي
پنهنجي عبالت ۾ ٻـ آ
هي شاعري مون لاءِ اڄ
شامل عبادت ۾ ٻـ آ.

Gul Hayat Institute

اڄ رات جو مان ننبڊ مان،
جاڳي لکان ٿو گيت هي،
ٿي زندگي مُرڪي اچان،
ڇڻ موت تي آ جيت هي!

مون هن صديءَ جي ساهه کي،
قابو رکيو آ مُٺ ۾،
ڏس، هيءَ صدي گذري پئي،
هر سال ڪيڏيءَ جُٺ ۾!

Gul Hayat Institute

موٽ اَمن جي پيغام سان،
تو ڏانهن گانڌيءَ جئن اچي،
اڄ آچيو آ ماڻهپو،
هر ڳالهه تو سان ڪئي سچي،

”ڪنهن رڍَ وانگر تون هُئين،
”ڪيئي ورهيه اڳ ديس ۾،
”تو اڄ تہ پي ڪا ڏڪَ ڏين
”ڪنهن واگهه واري ويس ۾.

Gul Hayat Institute

”ان ڪان اڳي جو ڪير ٿــر،
”مِ مورچو ٻــڌجي رهان،
”ٿــو صدق سان تو کي چوان،
”پل تون بہ رهم مان پيي رهان.“

---

Gul Hayat Institute

مشعلِ چڙهي تو مان وِجان،
وَر وَر اُهائي ٻارجو،
ٻيڙي چڙهي جا ٻار ٿيا،
سا توڙ تائين تارجو.

مون آس جنهن جي نانءُ مان،
يارو! پلي ناهي اچا،
سو آهه مستقبل پري،
پر ساهه سان آهني اچا.

Gul Hayat Institute

پر جي مَران مان پنڌ ۾
(ڪيئي اويرا ٿا وجن)
تيڏانهن وڃو ساٿيو!
جيڏانهن پيرا ٿا وڃن.

ٿو مان اجان تائين وڃان،
آزادگيءَ جي راهه ۾،
پر موت مون ليءِ ٿو اچي،
اج زندگيءَ جي راهه ۾.

Gul Hayat Institute

ڏرتي، جتي مان پورجان،
تنهن تي نمن جي ڇانو ۾،
آزادگيءَ جا پيئجو،
ڪجهه جامَ منهنجي نانوَ ۾!

Gul Hayat Institute

ٽي اچي، ٽي اچي،
ساھ ٽي سا گھڙي،
ڏس، تہ ماڪيءَ جِيان،
ڇَڪِ ٽہ وھ ڪان ڪڙي.

لوڪ مان ڪو لڏي،
ٽو سدائين وڃي،
ءُ ستارا ٽپي،
عرش تائين وڃي.

Gul Hayat Institute

آنءُ آهيان هتي،
زندگانيءَ جيان،
گُم نہ ٿيندس پرين،
عمرِ فانيءَ جيان!

آئون رابيل تي،
ماڪ ٿي مهڪندس،
جئن پره جا پکي،
آنءُ تئن چهڪندس.

Gul Hayat Institute

گيت جي گونج ۾،
آئون هوندس هِتي،
چنڊ ڏوري مٿان،
سِجُ جِئن ريت تي.

آئون جو سنڌ هان،
آئون جو ڪير ترُ،
ڪونه ويندس ڇڏي،
عرش ڏي هيءُ گهرُ.

Gul Hayat Institute

عرش ھي فرش آ،
جڻ ته ھر دُک سان،
ڏوُ به ان جاءِ تي،
تو وٺي ٻُڪَ سان.

جڻ وِجھي رات جو،
لانديون ليئڙو،
صبح جو ٿو وجان،
پريت پانديئڙو.

Gul Hayat Institute

پو بہ پيھر ھتي،
آئون ايندس پرين!
ھيءَ ڏرتي نہ مان،
ائن چڏيندس پرين!

نِمُ ھيٺان جڏھن،
ڪا بہ ڪويل ٻَري،
ان چيءَ ڪان گھٽو،
مان نہ ھوندس پري.

Gul Hayat Institute

جنهن وقت منهنجي موت تي،
ڪوئي اوهان ڏي خط اچي،
يا ٻيءَ طرح معلوم ٿي،
ماٺ ۾ ٻُڌن ميڙو مچي.

تنهن وقت سيئي پانئجو،
آ جيئرو سپنو اجا،
وڏندو رهي ٿو پنڌ ۾،
مون ڪان ٻه پو جيڪو اجا.

Gul Hayat Institute

ٽيندو اوهان لِيءَ ساپيا،
نئن گاج جو سپنو ٽڏهن،
سپ ڪير ٽر ڪي چنبڊ جيئن،
گڏجي لتاڙبندءُ جڏهن.

هو چنبڊ ڏسجي ٽو پريان،
ٽو پو بہ رڳ رڳ ۾ رهي،
۽ ماڳ ڏي سپ ڪان اڳي،
ٽو پنڌ ۾ ساندهہ ڪهي.

Gul Hayat Institute

وقت گذري ٿو پيو،
موت بيٺو آهه پر،
ڪاٿ تي اُن تي پوي،
ڏُنڍ ۾ پوري نظر!

زندگيءَ جا اولڙا،
دور تائين ٿا وڃن،
جڻ هوا ۾ چولڙا،
ڪي سدائين ٿا وڃن.

Gul Hayat Institute

موت ڪنهن ڏاڪوءَ جيانِ،
تو پٺيانِ چاقو هٽي،
لاش ڪان سپ ڪجھ ڦري،
موت چا چا تو ڪٽي!

پو تہ پانيان ناوَ ڪا،
تي وڃي چوليون چڏي،
رت جي درياھ مان،
دور ڪنڌيءَ ڏي لڏي.

Gul Hayat Institute

”تي انت جي ڪا آجيان،
مان اِئن مران ، دل تي چوي،
”جئن مائڪوفسڪي مُئو، □
”يا جئن مئو هيمنگ وي. □□

”جئن راجپوتن جا ٻُڍا،
”وڙهندي مَري ويندا هئا،“
دل تي چوي،“يا اِئن مران-
جي سڏ منهنجا ڪنهن سُئا،

□ مايا ڪونسڪي- روسي انقلاب جو شاعر
□□ هيمنگ وي- آمريڪا جو عظيم ناول نويس
بنهي خود ڪشي ڪئي هئي.

Gul Hayat Institute

ٽيندي دعا اثرائتي،
پر پوءِ سوچيان ٿو ته مان،
چرڪي پري تي ٿو وڃان،
پنهنجي پرائي خون کان.

اڄ خون ڪيڏو بي سبب،
ٿو هارجي ڌرتيءَ مٿان!
هن دؤر ۾ انسان جي،
سرخي وڃي ٿي رايگان؛

Gul Hayat Institute

قيمت نہ آ ڪا خون جي.
رابيل جي گل جي مٿان،
جئن ماڪ جو ڪوئي ڦڙو،
اُڏري، ائين اُڏري وڃان.

ءُ تروري جِئن سج جي،
ٿي روشني جڳ تي ترِان،
ڪوئي نہ چاڙهي ٿو مري،
ائين اوچتو چپ چپ مران.

Gul Hayat Institute

منهنجا وڏا
جن جا هڏا
آهن لڏا پنيور ۾،
ڪيڏانهن ويا؟
ڪيڏانهن ويا؟
کهڙيءَ گهٽا گهنگهور ۾؟
ڇا بيت ئي سڀ ڪجهه هيا،
يارو، پٺائي ڪجهه نه هو؟
هو، ڪالهه دنبوري مٿان.
جنهن جي خدائي، ڪجهه نه هو؟
ڪيئي سلي، ڪوئي سلي،
هي عمر فاني آهه ڇا؟
۽ شعر جون ڪيئي صديون،
جادو بياني آهه ڇا؟

Gul Hayat Institute

جا ڪُجھ ڏَسي
تني دِل ڪَسي،
هن زِندگيءَ جي شور ۾!
ڪيسين پٽون
ساريندي يون
جو رقص آهي مور ۾؟
منهنجا وڏا
جن جا هڏا
آهن لڏا پنيور ۾،
ڪيڏانهن ويا؟
ڪيڏانهن ويا؟
ڪهڙيءَ گهٽا گهنگهور ۾؟

Gul Hayat Institute

ها جيڪڏهن موٽي مِلي،
تو سان جوانيءَ جي گهڙي،
اُن کي ڪيان مان آخري،
هن زندگانيءَ جي گهڙي.

جانان! سنڌ ۾ ڇهري جيان،
ڪوئي عبادت گهر نہ آ،
تنهنجي ڪُلي آغوش کان،
فردوس ڪو بهتر نہ آ.

Gul Hayat Institute

ٿو اڄ ٻہ ٿو ڪي ساربان،
تاڙا تنوارن ٿا جڏهن،
پنهنجي اندر جي آڳ سان،
جهر جهنگ ٻارن ٿا جڏهن.

مون ڪان پري هوندي ٻہ ڇڻ،
تون آنهہ منهنجي ساهہ ۾،
آگم ڪري اُپرين پئي،
تون چت ۾ تون چاهہ ۾.

Gul Hayat Institute

اي ڪاش! مان ليٽي پوان،
اڱ جئن سندءَ آغوش ۾،
۽ پو ابد تائين اچان،
جيڪر نہ ڀيھر هوش ۾!

---

Gul Hayat Institute

وڻ ٽِڻ وَسنتي ويس جا،
ڦهراڻ پائيندا جڏهن،
مان نہ هوندس.
هن ڌر تتيءَ کي ڇانوَ سان،
سيني سمائيندا جڏهن،
مان نہ هوندس.
آڳم اُتي وڻراهہ تي،
برکا وسائيندا جڏهن،
مان نہ هوندس.
پيرا وطن کي پنڌ ۾،
منزل رسائيندا جڏهن
مان نہ هوندس.
ماڻهو سَپيئي آڇيو،
ڪنهن وقت- پائيندا جڏهن،
مان نہ هوندس.

Gul Hayat Institute

ءَ سچ جي ڇهري مٿان،
پردو هٽائيندا جڏهن،
مان نہ هوندس.
مون کي سموهي ساهہ ۾،
سڀ گيت ڳائيندا جڏهن،
مان نہ هوندس.
مان نہ هوندس.
مان نہ هوندس.

Gul Hayat Institute

تو دَر مان سيرون سيءُ ڪَري،
مان لوئيءَ لڳ لِڪايان تو.
تا وَرَ وَرَ ڪنهن جا سَڏَ اچن،
جي ساري رات لنوايان تو.

هي ٻُڏڙا هَڏَ پيا سوچن،
سڀ مَڏَ وِسواڙ ٿي ويندا،
هاڻي درياهه لهي ويندو،
چوڏاري ٻُوڙا ٿي ويندا.

Gul Hayat Institute

سوچن تا ڪيئي ڏينهن هتي،
ڪو ڪَرس ڪنار نہ اچٹو آ، ☐
ڪنهن بہ ڪُلهي تي ڪو ڪينڻ
هن ڀيري پار نہ اچٹو آ.

سي گيت هوا ۾ گونجن ٿا،
جي گجگوڙن سان گرجيا ها،
ڏسجي ٿو راڳي ڪونہ رهيا،
جن گيت اسان لءِ، سَرجيا ها.

Gul Hayat Institute

☐ ڪَرس- رسي، جنهن سان ٻيڙيءَ کي ٻڌبو آهي.
ڪنار- ڪنارو.

جنهن وقت اُجهامن تا ٿاندا،
ڪجهه چٽنگون رَڪّ چپائي ٿي،
ڪو ٻيهر ٻارڻ ٻاريندو؟
چڻ تنهنجي لِءِ واجهائي ٿي.

ڪنهن ڄاتو آهه صديون ڪِيئي،
ڪو ڏاند هتي ٻيهر نہ ٻري!
جا آگ اُجهامي ٿي پيئي،
سا اڳ وانگر جهر جهر نہ ڪَري!

Gul Hayat Institute

ڪيـر تـر ڪي روح آهـي،
روح جيڪو وَٽ ڪائيندو رهي ٿو،
ڪيتـرائي سال ٿي ويا،
اڄ تائين ڇيڇلائيندو رهي ٿو.

ڄڻ تہ گھايل گَبَ وانگر،
ڪير تر مان اڄُ تائين رت ٿمي ٿو،
۽ اڳي ڪـان پـي زيـاده،
پَٽرن جو رنگ ريٽو ٿي وڃي ٿو.

Gul Hayat Institute

ها، هوا آزاد آهي،
ڪير ته پابند آ پر ذرتتيءَ ۾،
ها، پکي پرواز ڪن ٿا،
ڪير ته شامل نہ آهي ڪنهن خوشيءَ ۾.

ڪير ته ڪي روح آهي،
روح جيڪو آهہ منهنجي روح وانگر،
□ نَپ نو لک نيڻ آ، پر
□□ هيءُ آهي هيٺ انڌي کوه وانگر.

---

□ نَپ- اُپ

□□ روح ۽ کوه قافيہ جائز آهن. سنڌيءَ ۾ ح- هہ جي اچار ۾ ڪوئي فرق ڪيو نہ ويندو آهي.

Gul Hayat Institute

”ڪرم تنهنجي آتما کي،
”تو سمائي پاڻ ۾ اِئن
”ميل کو چڙهندو وڃي ٿو،
”تيل جي ڏيئي مٿان جئن،“

جين- مت وارا چئي ويا،
ڪيئن اهڙي ڳالهہ اڳ ۾!
تو ڏسان ڪيئي چنيسر،
اڄ بہ تنهنجي آئون دڳ ۾.

Gul Hayat Institute

اڄ ٻہ نائون مَل ڏسان ٿو،
جي تجوڙيءَ ڏي ڏسن ٿا:
نيڻ منهنجا غور سان پو،
چچ نامي ڪٿي ڏسن ٿا!

ڏوڪ ڏوڪان ڪوٽ ۾ آ،
□ هي وِڪيو ڪولي پيو ڏر،
هي رتو رت لاش آهي،
سِر ڏنو چا لاءِ ڏاهر!

Gul Hayat Institute

□ وڪيو- چچ نامي ۾ ڏيڪاريل راجا ڏاهر جو وزير.

ڪوٺ جا ساڳيءَ طرح در،
ڪله جڏهن ڪوليا پئِي تو،
جو متي آ جيِن-مت ۾،
مون تڏهن تو کي چيو هو.

Gul Hayat Institute

تـو موڪلايان،
الوداع!
۽ ساز کي مضرابَ جي،
سيـني لڳايان،
الوداع!
مان آخري شعلي جيان
تـو گيت ڳايان
الوداع!
هُو اڳ ويا جي قافلا،
تن کان بہ اڳ ۾ تـو وڃان،
پر تـو وڃان ڪيڏانهن مان،
هي مون نہ ڄاتو آ اڃان
تـي دُور جا سانجهي سَڏي،
اُن ۾ سمـايـان
الوداع!

Gul Hayat Institute

سو درد هام، سودُکَ ها
پر زندگي پياري هئي،
اڌ رات جو ٻيرن مٿان
ڇا چانڊني پياري هئي!
اڄ چنڊ ڏي آکاس ۾
تو وک وڌايان،
الوداع!

جئن ساٿيون پرچي وَسن
تئن ٻر وسائي تو وڃان
ڇا ڇا وڃون تيون ور وڃن
جئن گيت ڳائي تو وڃان
پر هي ڪُلهي تي ڪينرو
ڪيسين وڃايان
الوداع!

Gul Hayat Institute

اي سنڌ تو کي الوداع!
اي هند تو کي الوداع!!
تو ۾ هُيو سارو جڳت
اي جند تو کي الوداع!!!

Gul Hayat Institute

# شيخ اياز جا نيو فيلڊس
# طرفان شايع ٿيل ڪتاب

چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)
رڻ تي رِم جهم (شاعري)
ساهيوال جيل جي ڊائري
ڀڳت سنگهه کي ڦاسي
ڪپر ٿو ڪُن ڪري (شاعري)
ڪي جو ٻيجل ٻوليو (شاعري)
خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو 1)
راج- گهاٽ تي چنڊ (شاعري)
لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري)
ٻڙ جي ڇانوَ اُڃي ڪان گهاٽي (شاعري)
اُڪن نيرا ڦليا (شاعري)
ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون
پونَر پري آڪاس (شاعري)
جهڙُ نيٽان نہ لهي (شاعري)
وڄون وسڻ آئيون (شاعري)
پنهل ڪان پوءِ (نثر)
جڳ مڙيوئي سپنو (شاعري)
اُڀر چنڊ پس پرين (شاعري)
پٽڻ ٿو پور ڪري (شاعري)
هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن (شاعري)

خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو 2)
ٽڪرا ٽنل صليب جا (شاعري)
واٽون ڦلن ڇانئيون(شاعري)
الوداعي گيت (شاعري)
ڪَتين ڪَر موڙيا جڏهن-1 (شاعري)
ڪَتين ڪَر موڙيا جڏهن-2 (شاعري)
ننڊ وليون (شاعري)
سَر لوهيڙا ڳيپيا.(شاعري)
سورج مکيءَ سانجهه (شاعري)
جَر- ڏيئا جهمڪن (شاعري)
هرڻ اکي ڪيڏانهن (شاعري)
ڪٿي نہ ڀڄبو ٽڪ مسافر(آتم ڪهاڻي)
چنڊ ڳليون (شاعري)
گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾(شاعري)
ڪٿي نہ ڀڄبو ٽڪ مسافر(آتم ڪهاڻي)
ڪونجون ڪرڪن روهه تي (شاعري)
جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي (خط)
ڪونجون ڪرڪن روهه تي (شاعري)
جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي
پن ڇڻ پڇاڻان (شاعري)
ڪلهي پاتم ڪينرو (شاعري)

Gul Hayat Institute